ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
سابق ڊائريڪٽر جنرل ڪاليجز، سنڌ

# سنڌي ٻوليءَ جو وينجهار اساسي شاعر شاهه لطف الله قادري

## ( GREAT CLASSICAL POET OF SINDHI LANGUAGE: LUTUFULLAH QADRI )

*Abstract:*

*Lutufullah Qadri [ 1611 – 1679] was a great classical poet of Sindhi Language. Collection of his poetry is published in a book named: “Shah Lutufullah Qadri jo Kalam”, compiled by Dr N.A Baloch. It is a first big collection of poetry in the history of classical Sindhi Poetry. Lutufullah Qadri has made a great contribution not only in quantity but with all the great classical qualities of Language, Art and Philosophy. He composed poetry with patristic sprit. In this paper, I have reviewed his poetry with comparison to the history of Sindhi classical poetry and have find out the worth and uniqueness of his Language, Art and Philosophy of the poetry.*

جڏهن به اسين سنڌ جي اساسي شاعري يا سنڌ جي عظيم آڳاٽن شاعرن جو ذڪر ڪنداسين ته انهن ۾ قاضي قادن ۽ شاهه ڪريم کان پوءِ آڳاٽي ادبي تاريخ مان شاه لطف الله قادريءَ جو نالو اُڀري ايندو. هي سنڌيءَ جي اساسي شاعرئَ جي حوالي سان تمام وڏو نالو آهي. سندس ٻن ڪتابن ’سنڌي رسالو‘ ۽ ’مُنهاج المعرفت‘ ۾ شامل بيتن تي مشتمل ڪلام کي سنڌ جي وڏي عالم، اديب ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شاندار تحقيق ڪري ’شاه لطف الله قادريءَ‘ جو ڪلام ترتيب ڏنو آهي. اهو ڪتاب پهريون ڀيرو 1968ع ۾انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران ڇپرو ڪيو ويو هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب شاه لطف الله قادريءَ جي ان ڪلام کي شاه ڪريم ۽ ميين شاه

عنات جي ڪلام جي بيتن جي هڪ ڪڙي قرار ڏيندي لکيو آهي ته:

> مبين عنات جو ڪلام، شاهه عبداللطيف کان فوري اڳ واري دور جو سرمايو آهي. شاهه لطف الله قادريءَ جو رسالو ۽ بيت وري مبين شاهه عنات جي ڪلام ۽ شاهه عبدالڪريم جي مثالي بيتن جي وچ واري ڪڙي آهن. (بلوچ،1968، 38)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پاران شاهه لطف الله قادريءَ جي ڪلام جي تحقيق ۽ ترتيب کان پهرين 'منهاج المعرفت' ۾ شامل بيتن جي آڌار تي ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو 'سنڌي قديم شاعري پڻائيءَ کان اڳ' جي عنوان سان وڏي ڄاڻ ڀريو هڪ مقالو لکي چڪو هو، جيڪو 'نئين زندگي' سيپٽمبر 1958ع ۾ ڇپجي چڪو هو.

هونئن ته ٻيا به آڳاٽا شاعر آهن، جن ۾ سمنگ چارڻ، ماموئي فقير، شيخ حماد، نوح هوٽياڻي، پير پٺو، راڄو دل، اسحاق آهنگر ۽ مخدوم نوح اچي وڃن ٿا، پر انهن جا هڪ، ٻه يا وڌ ۾ وڌ ٽي بيت ملي سگهيا آهن. توڙي جو انهن بيتن جي فڪري توڙي فني پختگيءَ مان اهو صاف ظاهر آهي ته اُهي به وڏا شاعر هئا ۽ انهن جي شاعريءَ جو ذخيرو به گهڻو ئي هوندو. ڇاڪاڻ ته ايڏي وڏي، فڪري سگهه ۽ فني پختگيءَ تائين پهچڻ لاءِ کين ڪافي مرحلا طئي ڪرڻا پيا هوندا، پر وقت جي لٽ اهو سارو سرمايو لٽي ڇڏيو.

جيڪڏهن اسين سنڌي ٻوليءَ جي آساسي شاعريءَ جي دؤرن ۽ تاريخ تي نظر وجهنداسين ته اسان کي قاضي قادن کان ويندي شاه لطيف (۽ ان کان پوءِ به)جي دؤر تائين شاعرن جي

هڪ سهڻي سنپير نظر ايندي، جن جون ڪڙيون ڪڙين سان ڏاڍي سهڻي نموني پيچيل ۽ مليل آهن.انهيءَ دور جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان چاڻ ملي ٿي ته قاضي قادن 958ھ(1531ع) ۾ فوت ٿيو ۽ شاه ڪريم جو جنم 943ھ (1538ع) ۾ ٿيو. انهيءَحساب سان قاضي قادن جي وفات وقت شاه ڪريم چوڏهن پندرهن ورهين جي ڄمارجو ٿي چڪوهو.ايئن شاه ڪريم جي وفات 1032ھ (1623ع) وقت لطف الله قادري (جنم 1020ھ) جوان هو. ائين ئي ميين شاه عنات رضويءَ جي وفات (1120ھ) تائين شاه لطيف ڀٽائي (جنم 1102ھ) نوجوانيءَ واري ڄمار ۾ پير پائي چڪو هو. اهوهڪ سهڻوتسلسل آهي. ظاهر آهي ته انهن مان هر هڪ شاعر پنهنجي وڏن ۽ ان وقت جي موجود شاعرن جي شاعريءَ جومطالعو به ضرورڪيو هوندو. ڪوهڪ ٻئي بزرگ وٽ ويو به هوندو، اهڙيون ڪيتريون روايتون ملن به ٿيون، انهن جا اثر به مٿن تمام گهڻا پيا هوندا، جيڪي سندن شاعريءَ مان به ظاهر آهن.

شاه لطف الله قادري سنڌي شاعريءَ جي آسمان تي جڳمڳائيندڙ شاعرن ۾ هڪ اهڙوشاعرآهي، جنهن پنهنجي شاعراڻي سلسلي کي اجابه اڳيان وڌايو. هيستائين مليل شاعريَ جي ذخيري مان معلوم ٿئي ٿو ته آڳاٽن سنڌي ٻوليءَ جي شاعرن جي شاعريءَ ۾ گهڻو ڪري بيت جي صنف ملي ٿي. ايئن لطف الله قادريءَ جي شاعريءَ ۾ به بيت جي صنف ملي ٿي، پر سندس بيتن جي ٻولي، سٽاءُ، فني اوسر ۽ موضوعن ۾ گهڻو واڌارو آهي. ڪيترين ئي تشبيهون ۽ استعارا پهريون ڀيرو وٽس ڏسڻ ۾ اچن ٿا. سنڌي شاعريءَ جواڀياس ڪرڻ سان هيءَ به حقيقت پڌري ٿئي ٿي ته اساسي شاعرن يعني قاضي قادن ۽ شاه ڪريم کان سواءِ لطف الله قادريءَ کان اڳ به ڪن ٻين

شاعرن جوڪلام ملي ٿو، جيڪوبيتنءِ نظمن تي مشتمل آهي. انهن شاعرن جوڪلام ڊاڪٽرنبي بخش خان بلوچ صاحب جي تحقيق ۽ ترتيب سان ’سنڌي ٻوليءَ جومنظوم ذخيرو‘ جي عنوان سان ڇپجي چڪو آهي. هتي هيءَ ڳالهه به سمجهڻ ضروري آهي ته انهن شاعرن جي شاعري ۽ لطف الله قادريءَ جي شاعريءَ جي گهاڙيٽي، فنۍ فڪر ۾گهڻوفرق آهي پرهڪ حقيقت ساڳي آهي ته انهن سڀني جو پنهنجي ٻوليءَ سان پيار پڏرو آهي ته سندن خاص مقصد پنهنجي ذات ۽ ڏاهپ کي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي خدمت لاءِ ڪم آڻڻ آهي. اهڙي ڳالهه جو ذڪر انهن سڀني پنهنجي پنهنجي شاعريءَ ۾ چٽيءَ طرح ڪيو آهي. انهن مان هڪ عالم عثمان نالي پنهنجي ڪلام ۾ انهيءَ اعليٰ مقصد کي هن ريت بيان ڪيوآهي:

عثمان چوءِ علم رِءَ، عقل مور نه ڪوءِ
سنڌي ابوجهن کي گهڻو سُهلي هوءِ

(بلوچ، 1993، 283)

حاجي نالي عالم لکيو آهي ته:

عربياءَ سنڌي ڪئي ’حاجي‘ بيت ڪري
ته سڪڻ سُهڪي ٿئي، ابوجهن وري
سنڌي آهي سُهڪي سڪڻ ابوجهن
پانهنجي واءِ پروڙي سِگهائي سڪن

(بلوچ،1993، 235)

شاعر سگر ڏني پنهنجي ڪلام ۾ چيو آهي :

سگر ڏني سڏي ڪئي، صفت جي ايمان
تن سپـئي پنيـون جي ني ڪلمي ساڻ

(بلوچ،1993، 237)

اهڙن ڪيترن ئي شاعرن جا اهڙا بند ۽ سٽون ڊاڪٽربلوچ ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽو منظوم ذخيرو‘ جي پنهنجي مقدمي ۾ وضاحتن سان ڏنيون آهن. ايئن ئي لطف الله قادري به پنهنجي مقصدڪي چٽو ڪيو آهي. اهاڳالهه ڊاڪٽربلوچ صاحب هن ريت لکي آهي:

> شاهہ لطف الله قادريءَ جي آڏو غالباً ڪانئس اڳ وارو اهو تعليمي نظريوموجود هو، جوهن ان جي وضاحت بلڪل عالم حاجيءَ وارن ساڳين لفظن ۾ڪئي ته: ”پانهنجي ٻولي ڪري، سگهائي سڪن“. ( بلوچ،1968، 38)

اهڙي اپياس مان بنهه پڌرو ٿي سامهون اچي ٿو ته عربي ۽ فارسيءَ واري ان حڪومتي دور ۾ هنن عظيم عالمن ۽ شاعرن جي علم، ادب، تخليق ۽ سوچ سنڌي ماڻهن جي سکيا ۽تربيت لاءِ هئي، هنن پنهنجي ملڪ جي سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري کي اهم سمجهي، عملي ڪم ڪيو.

لطف الله قادريءَ جي شاعريءَ ۾ سڀني خوبين سان گڏ اها ڳالهه پڻ چٽي آهي ته هن ڪٿي به پنهنجي شاعريءَ لاءِ الهامي پيغام وغيره جا لفظ ڪم نه آندا آهن، پر چٽيءَ ريت لکيو آهي ته هن سڄي زندگي علم حاصل ڪيو، وڏن وڏن عالمن، ڏاهن ۽ شاعرن جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪري، انهن جو عرق پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي. مطلب ته هن پنهنجي

شاعريءَ کي پنهنجي ذات ۽ ڏانءُ سمجهي ماڻهن لاءِ پيش ڪيو آهي.

هتي هيءَ ڳالهه ڪرڻ به ضروري آهي ته انهيءَ دور ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ سنڌي ـ عربي صورتخطي اڪثر لکي ويندي هئي، انهيءَ جا ڪيترائي ڇٽا ثبوت ملي چُڪا آهن، پر هيسيتائين جيڪو شعري ذخيرو مليو آهي ان ۾ شاهه ڪريم جي ڪلام کان پوءِ 'سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽو منظوم ذخيرو' ڪتاب ۾ شامل ڪلام ۽ ان کان پوءِ لطف الله قادريءَ جو 'سنڌي رسالو' هڪ اهم دستاويز آهي، جيڪو 1667ع کان 1672ع ڌاري لکيو ويو. لطف الله قادري وقت جي وڏن عالمن، بزرگن ۽ ڏاهن کان فيضياب ٿي، شيخ المشائخ جو مرتبو حاصل ڪيو. وسيع علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ هي رشد ۽ هدايت، تلقين ۽ توحيد جي پرچار لاءِ سلوڪ ۽ طريقت تي ڪتاب لکڻ لڳو. ڪن روايتن موجب لطفالله قادريءَڪيترائي ڪتاب لکيا، پر انهن مان اسان کي فقط ٻن ٽن ڪتابن جا نالا ملن ٿا. جن مان هڪ ڪتاب 'تحفة السالڪين'، جنهن جو ذڪر 'منهاج المعرفت' ۾ آهي، سو ملي نه سگهيو آهي. توڙي جو منهنجي معلومات موجب ٺٽي جي هڪ بزرگ عارب بلوچ (جنهن جي لائبريريءَ ۾ اڄ به ڪيترو ئي تاريخي مواد موجودآهي) جي چوڻ موجب شاهه لطف الله قادريءَ جو هڪ قلمي نسخو ڪانئس هڪ عالم ادبي بورڊ لاءِ وٺي ويوهو. اهو ڪتاب ٻارن جي تربيت ۽ سکيا لاءِ لکيل هو. ان موجب،آئون ڀانئيان ٿو ته اهو ڪتاب 'تحفت السالڪين' ئي ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته ٻه ڪتاب 'منهاج المعرفت' ۽ 'سنڌي رسالو' موجود آهن. منهاج المعرفت فارسيءَ ۾ لکيل آهي، جيڪو 1078ھه موجب 1667ع ڌاري لکيو ويو.

منهاج المعرفت ڪتاب ۾ ايڪيهه باب آهن. هن ڪتاب جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته شاھ لطف الله قادريءَ هي ڪتاب وسيع مطالعي، پختي تجربي، اونهي فڪر ۽ سلوڪ جي

راهه، گهري چاڻ ۽ وسيع علم جي تجزيي بعد لکيو. هي ڪتاب سلوڪ ۽ طريقت کي سمجهڻ لاءِ بنيادي ڪتاب آهي ۽ سالڪن کي درست واٽ ڏَسڻ لاءِ لکيل آهي. پاڻ ئي چوٿين باب ۾ چوي ٿو ته:

> اي عزيز....! هن فقير (مصنف) اهل الله جي لکيل ڪتابن جو سالن جا سال گهرو مطالعو ڪيو ۽ انهن تي گهڻو غور ۽ فڪر ڪيو، تمام گهڻي ڪوشش سان سندن قولن کي عقل ۽ علم جي ترازو ۾ توريم ۽ انهن تي وڏو ويچار ڪيم ۽ ظاهر توڙي باطن جي لحاظ سان (جا نظر ممڪن) ان ۾ ڪوتاهي ڪانه ڪيم. ان لاءِ ته سندن ڪلام جو حاصل معلوم ٿئي ۽ مول مقصد سمجھ ۾ اچي. (لطف الله، 1667، 122)

هن ڪتاب ۾ فڪر جي گهرائي، سهڻو انداز، اسلوب بيان ۽ دانائي جهلڪي ٿي. هن ڪتاب ۾ ٻي ڏاڍي دلچسپ، بامقصد ۽ بنهه وڻندڙ ڳالهه اها پڻ آهي ته توڙي جو هي ڪتاب فارسيءَ ۾ لکيل آهي، پر پنهنجي عوام کي واضح ۽ چٽو سمجهائڻ لاءِ ۽ پنهنجي ئي مادري سنڌي ٻوليءَ ۾ هر باب جو نچوڙ ۽ سلوڪ جي مرڪزي مفهوم کي جامع نموني ۾ سمجهائڻ لاءِ هر هڪ باب جي آخر ۾ ۽ باب پنجين جي وچ ۾ سنڌي بيت لکي، مفهوم کي سولو ۽ آسان ڪيو آهي. جيئن سنڌي ماڻهو انهيءَ فلسفي جي حقيقت کي چٽيءَ ريت سمجهي سگهن ۽ فارسيءَ جي ڏکين لفظن، ڳوڙهن اصطلاحن ۾ منجهي نه پوَن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيق موجب هن ڪتاب ۾ ڪُل ٽيويهه سنڌي بيت موجود آهن، جن مان ٽي بيت قلمي نسخي مان ضايع ٿي چڪا هئا. هي ڪتاب انهيءَ وقت جي ضرورت موجب تعليم ۽ تربيت لاءِ لکيل آهي.

حياتيءَ جي پوئين دؤر ۾ وسيع تجربي، مطالعي ۽ مشاهدي کان پوءِ پنهنجي ٻوليءَ جي ڪوٺ کي پورو ڪرڻ،

مطلب ته پنهنجي (سنڌي) ماڻهن جي سهولت ۽ پنهنجي ٻوليءَ جي علم ۽ ادب کي وڌيڪ روشن ڪرڻ لاءِ لطف الله قادريءَ ’سنڌي رسالو‘ لکي، ان وقت ۾ ادب جي دنيا ۾ هڪ نئون مثال قائم ڪيو. توڙي جو هن ڪتاب کان اڳ ۾ ئي ’منهاج المعرفت‘ وارا بيت سنڌي ماڻهن ۾ مقبول ٿي چڪا هئا. (مون کي هالاڻ (ٺٽي) ويجهو ويٺل هڪ اهڙو بزرگ به مليو، جنهن کي انهن بيتن مان چار بيت اڃ به ياد آهن) هن ڪتاب جي مقدمي ۾ لطف الله قادري ڪتاب جي لکڻ جو مقصد پاڻ ئي بيان ڪندي چوي ٿو ته:

ڪوڏا ڪيو رسالو، اِئَ فقير جوڙي بيتن،
ته هوءِ سنڌي وائي سهُلو، ٻُجهڻ ابوجهن،
پاهنجي ٻولي ڪري، سگهيائي اي سکن،
لطف الله چئي، لَئِه پيو ور سکن ۽ پڙهن.

(لطف الله،1670،مقدمو)

هن ڪتاب ’سنڌي رسالو‘ ۾ ڪُل 357 بيت آهن. سنڌي ادب ۾ هن ڪتاب جي نه رڳو اُن وقت به، پر اڃ به تمام گهڻي اهميت آهي ۽ سدائين رهندي. لطف الله قادريءَ جو رسالو، مليل سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ (اُن وقت تائين) پهريون وڏو ڪتاب آهي، جو سڄو سنڌي بيتن تي مشتمل آهي. اعليٰ سنڌي شاعريءَ سان گڏوگڏ سندس مقصد سنڌي ٻولي ۽ ان جي ادب جي پندار کي پرڙ پڻ هو،گڏوگڏپنهنجي ٻوليءَ ۾ علمي ۽ ادبي ڪتاب لکڻ جي روايت کي سگهارو ڪرڻ به هو، جيئن پنهنجي مادري ٻوليءَ کي سينگاري، سنواري ۽ ترقي ڏياري سگهجي ۽ پڻ ٻين کي به اهو درس ڏيئي کين انهيءَ اهم ڳالهه ڏانهن موڙي سگهجي. ظاهر آهي ته اهو اثر ٻين به سنڌي عالمن، اديبن، شاعرن ۽ ڏاهن تي پيو. اڳتي هلي انهيءَ ڳالهه جي ٻين به پيروي ڪئي، ان ۾ ڪو به وڌاءُ نه آهي ته انهن ڪاوشن جي بنياد تي ئي انهيءَ واٽ تي اڳتي هلندي، ٻين عالمن ۽ شاعرن

جي ڪارنامن سان گڏوگڏ مشهور عالم ابو الحسن ٺٽوي سنڌي الف - ب عربي نموني تي نئين سِر ترتيب ڏيئي، لکت ۽ علم ادب ۾ چڱو انقلاب آندو.

ذڪر ٿي چڪو آهي ته لطف الله قادريءَ فني سٽاءُ جي لحاظ سان بيت جي صنف کي اڳتي وڌايو. انهيءَ کان اڳ قاضي قادن تائين بيت، سنڌي دوهي کان بيت تائين ارتقا جا مرحلا طئي ڪري چڪو هو. قاضي قادن ۽ شاه ڪريم جا جيڪي بيت مليا آهن، سي گهڻو ڪري ٻه سِٽا ۽ دوها چند تي رچيل آهن. قاضي قادن ٻن مصرائن وارا بيت چيا آهن، پراڻ جو هڪ بيت ته سِٽو مليو آهي. سيد علي شيرازيءَ جو هڪ بيت چئن سِٽن وارو ملي ٿو. ان ڪانپوءِ شاه ڪريم جي شاعريءَ ۾ڪي ته سِٽا بيت آهن ته ٻيا سڀ ٻه سِٽا آهن. ان ميدان ۾ لطف الله قادريءَ فن ۽ هئيت جي لحاظ سان وڏا تجربا ڪيا. نوان لفظ، اصطلاح، محاورا، نوان ڪردار، نيون تشبيهون ۽ تمثيلون آڻي آڳاٽن مڙني شاعرن کان اڳتي وک وڌائي آهي. معلوم ٿئي ٿو ته بيت جو هي پهريون شاعر آهي جنهن انهن پراڻين حد بندين کان اڳتي وڌي بيت جي سٽاءُ ۾ تبديلي آڻي، گهڻي نواڻ آندي. سندس ڪلام ۾ هي بيت به هڪ خوبصورت مثال آهي:

نڪا صورت سرير جي، نڪو قيل نه قال،
سي وجودان وهي وئا، جن ڏٺو پرينءَ جمال،
تيهي ظرافت ذات جي، تهو حسن ڪمال،
تيهي تجلي تام سچڻين، تهو ضوءِ جلال،
تيهي لطافت لطيف سو، تهو خوبي خال،،
تيهي ذوق زينت پرينءَ جي، تهو خاص خيال
سڀ سوئي حال، پيهي ڪن پروڙئو.

(لطف الله قادري)

ان زماني ۾ بيت جي آخري سِٽ ۾ قافيو وچ ۾ ڏيڻ پڻ هڪ نواڻ ۽ نئين روايت هئي، جيڪا ڳالهہ پوءِ جي سڀني شاعرن قبول ڪئي. فني لحاظ سان شاعريءَ ۾ لفظن ۽ فڪرن جو ورجاءُ پڻ وڏي اهميت واري ڳالهہ آهي. ورجاءُ يا تڪرار هن ڪان اڳ ۾ شاه ڪريم جي هڪ بيت ۾ به ساڳين لفظن جي وري وري استعمال سان موجود آهي:

سوئي هيڏانهن، سوئي هوڏان، سوئي من وسي،
تيهين سين سوجهري سوئي سو پسي.

اهڙيءَ ريت شاهه ڪريم جي شاعري ۾ِبيا به ڪجهه تڪراري لفظ استعمال ٿيل آهن. البت قاضي قادن جي ٻن بيتن ۾ ”ڪاگر ڪالي اڪرين“ جي استعمال ورجاءَ طور استعمال ٿيو آهي، اِيئن آڳاٽي منظوم ذخيري ۾ شاعرن جي شاعريءَ ۾ اها ڳالهہ به ملي ٿي، پر لطف الله قادريءَ انهيءَ ورجاءَ يا تڪرار کي باقائده اوج تي رسايو. ڪٿي بيتن جو پهريون لفظ يا فقرو ورجاءَ طور ڪم آندو اٿس ته ڪٿي آخري. ٿورو گهرائي سان ڏسبو ته پاڻ جنهن جنهن ڳالهہ کي وڌيڪ واضح ڪرڻ چاهيو آهي، ان ڳالهہ جو ئي هن وري وري ورجاءَ ڪيو آهي. جيئن هڪ ته اها ڳالهه آسانيءَ سان سمجهي سگهجي، ٻيو ته خاص مقصد به وڌيڪ چٽو ٿئي. اهڙو ورجاءَ ضرورت موجب لطف الله قادريءَ اٿ اٿ ۽ نوَ نوَ پيرا به ڪري، هڪ مثال قائم ڪيو آهي. لطف الله قادريءَ جي ٻين کوڙ ڳالهين سان گڏ اڳتي هلي شاه عنات رضويءَ ۽شاهہ لطيف، قافيو سٽ جي وچ ۾ آڻڻ ۽ ورجاءَ وارو فن وغيره سڌو سنئون اختيار ڪيو. شاهہ لطيف بيت جي گهاڙيٽي ۽ فڪر جي گهرائيءَ کي جنهن اوج تي رسايو، ان جو بنياد شاه

ڪريم، لطف الله قادري ۽ ميون عنات رکي چڪا هئا، جنهن کي شاهه لطيف بنهه مٿاهين درجي تائين پهچايو.

هونئن ته لوڪ قصن جي ڪردارن کي تمثيلي انداز سان ڳائڻ جي رواج جا آڳاٽا آثار ملن ٿا، پر انهن جو انداز مختلف ۽ محدود رهيو. لطف الله قادريءَ کان اڳ وارن شاعرن فقط مورڙي ۽ مانگر مڇ، ڪلاڙن ۽ سسئيءَ جي قصي کي تمثيل لاءِ ڪتب آندو هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي شاهڪار مقدمي ۾ لکي ٿو:

> موجود ڄاڻ موجب اڳ جي عارفن ۽ شاعرن فقط مورڙي ۽ مانگر مڇ جي قصي، ڪلاڙن جي مشغلي ۽ سسئي جي داستان کي پنهنجي بيتن ۾ تمثيل طور استعمال ڪيو. سنڌ جي اساسي شاعريءَ جي تاريخ ۾ شاهه ڪريم غالبا پهريون شاعر هو جنهن عام داستانن، قصن ۽ مشغلن مان پندرهن کن کي پنهنجي معنوي بيتن لاءِ مثالي قالب بنايو... (اڳتي وڌيڪ لکي ٿو) شاهه لطف الله قادريءَ جي آڏو فقط سلوڪ ۽ طريقت جو هڪ مکيه مضمون هو، جنهن جي وضاحت ڪرڻ چاهيائين. انهيءَ سلسلي ۾ حق ۽ حقيقت جي تلاش ۾ طالبن ۽ سالڪن جي جدوجهد کي تمثيل طور ساموندي ناکئن جو منزل ڏانهن هاڪاري هلڻ ۽ جوڳين، آديسين جو سندن ياترائن خاطر ڪشالا ڪڍڻ سان پيٽي، تفصيلي سمجهاڻي ڏنائين. (بلوچ، 1968، 30 )

مطلب ته سنڌي شاعريءَ (اساسي) ۾ قاضي قادن کان پوءِ شاهه ڪريم پهريون شاعر ملي ٿو، جنهن اهڙن قصن جي ڪردارن کي پنهنجي معنوي شاعري (بيتن) ۾ تمثيلي طرح بيان ڪيو. ايئن شاهه ڪريم کان پوءِ لطف الله قادري پهريون شاعر آهي، جنهن اجا اڳتي وِکَ وڌائيندي وڻجارن، ناکئن، ٻيڙياتن، جوڳين، آديسين، سامين ۽ ڪاپڙين کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪم

آڻي سنڌي شاعريءَ لاءِ مثالي واٽ کي وسيع ڪرڻ وارو ڪم ڪيو. پاڻ چوي ٿو ته:

كاهوڙي كيڙين جا، سا آڳاهين جُوءِ
يا
سا جُوءِ ڏوري آئيا، سُونهان جِت مُنجهن
۽
ماءِ ويراڳي آيا، پچن ٿا اوطاق.

لطف الله قادريءَ انهن ماڻهن جا ڪردار ۽ ڪِرتُون ڪم آنديون، جن وٽ پاڻ پلڻ ۽ پرينءَ جي ڳولا وارو پاسو هو، جن وٽ جاکوڙ آهي ۽ مسلسل جدوجهد آهي:

ڪڏهن ويهي نه ڪيو، تن آديسين آرام.

ذڪر ٿي چڪو آهي ته لطف الله قادريءَ اڳين سمورن شاعرن جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪيو، جنهن جو ذڪر پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ به ڪيو اٿس ۽ خاص ڪري شاه ڪريم جو مٿس گهڻو اثر ڏسجي ٿو. تقابلي جائزي وٺڻ ڪانپوءِ اهڙا کوڙ مثال ملن ٿا. هيءَ حقيقت به چٽي آهي ته لطف الله قادريءَ انهيءَ واٽ کي نه رڳو وسيع ڪيو، پر گهڻو اڳتي وڌايو جنهن کي پوءِ شاه عنات اڃا به گهڻو اڳتي وڌايو ته وري شاه لطيف اُن کي نه رڳو اڳتي وڌايو، پر معراج تي رسايو.

توڙي جو لطف الله قادريءَ جو خاص موضوع سلوڪ ۽ طريقت هو، پر انهيءَ کي هن ڏاڍي سهڻي ۽ تمثيلي انداز سان بيان ڪيو آهي. گڏوگڏ سهڻيون تشبيهون، استعارا ۽ ٻوليءَ جو سهڻو استعمال ڪيو آهي.

نيڻ رتائون نينهن سين، جاڳي جوڳيئڙن،
سي پڌر پيئون نه ڪن، ڳالهيون ڳهلي لوڪ سين.
(لطف الله قادري)

هن مختلف مڪتب فڪر جي واٽ تي ويندڙ انسان جو ذڪر پڻ ڏاڍي دلچسپ انداز سان ڪيو آهي:

ڪي هليا، هرمچ ڏونهہ، ڪي
پُرتڪال پُـرن،
ڪني ڪوڏ ڪنيات جو ڪي مٿي
گنگا گجـن،
ڪي وِهئا ونڪوت ڏونهہ، ڪي
لَڪا سِرِ لمن،
ڪي گوئـي گنـگا ڏري، ڪي
گـواس وجن،
ڪَني آ ڏهَر ڪاپڙيين، ڪي بازارين
وِهَنِ،
ڪن ڏارئا ڏنڊ ڪِتنرا، ڪي
واسليين وِندرن.

(لطف الله
قادري)

لطف اللهٰ قادري انهن اهم ۽ دلچسپ پنڌن، پيچرن، ماڳن ۽ مڪانن جو ذڪر پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ پلي نموني سان ڪيو آهي:

هــٿ جــن جا ٽــامــڙا، پٽــر جنين پُــــون،
ڪيئن پُڇندينءَ تون، ماءِ تن سين جوڳئين.

-----

اونهي پريـان ڳالهـڙي، پر لهي نه سگهي
ڪـوءِ،
اِت حــاذق حيرت ۾ پئـا، پـرو ڪنهن نـه
پـوءِ،

اِت حيرت هنيو سپڪو، توڙي عاقل عالم
هوءِ،
اي ڳري ڏسئو ڳالهڙي، در رب سپڪو
روءِ
ڪمتر ڪو هوءِ، جو ڪين پروڙي ڪيترو.
(لطف الله قادري)

اصل سچ ۽ حق تائين رسڻ لاءِ انسان کي ڪيئي ڪشالا ڪٽڻا ٿا پون، پنهنجي من ۾ جهاتي پائڻ لاءِ منهن مونن ۾ ٿو هٽڻو پوي، يعني گهرو غور فڪر ڪرڻو پوي ٿو ۽ ڪڏهن ته ڪاپڙي بڻجي ڪائنات جا اسرار سمجهڻ لاءِ وڻڪار، جر، جبل، جهنگ ۽ جُڳ جهاڳڻا ٿا پون:

ڪَهي ڏئو ڪاپڙين، ڪو آڳاهُون
پنڌ،
تِني منجهان آئيو، ڪو ڳُجهه
ڳُجهاندر ڳَنڌ،
سندو حيرت پنڌ، آئيو آڏو
آديسن.

لطف الله قادري پنهنجي شاعريءَ ۾ تڪبر، انا ۽ وڏائيءَ کي ڇڏڻ ۽ سپني سان هڪجهڙو ٿي هلڻ جو درس ڏيندي چئي ٿو:

”آءٌ، اسين“ جي ڪرين، اِي ڦڪي وائي ڦير.
يا
ٻيائي ٻُڙو ناهه ڪو، شڪ سپوئي لاهه.

هن ڏيکاءُ پسند ماڻهن بابت به ڪافي بيت چيا آهن. جيڪي ماڻهو بظاهر ته پنهنجو پاڻ کي سچا ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي ٻهروپ ڪندا آهن، پر من جا ڪارا هوندا آهن. انهن جا اندر ڪوڪلا هوندا آهن. هي شاعر انهن لاءِ چوي ٿو:

ڪي من مُنجهارا ڪاپڙي، ٻهر سوئي ويس.

يا
منهه مُنجهارا ڪاپڙي، ٻهر ٻئي ويس.
اٽاسي اگهور ۾، وَهيون وڃايون جن.

جيڪي انسان سچ، حق ۽ انسانيت جا ڳولائو هوندا آهن، انهن عظيم انسانن لاءِ چوي ٿو:

ٻاهر ڪوجها ڪاپڙي، اندر نور نئين.
يا
ڪڏهن ويهي نه ڪيو تن، آديسين آرام.

۽ ٻئي هنڌ انهن عظيم انسانن جا پار ڏيندي چوي ٿو:

سنجهي سُڪا ٽڪرا، پره پاروٺو پيٽ.
يا
راتين مُنهن مونن ۾، ڏيهان ڏک ڏڪين،
سانجهيءَ وريو سَواريُون، ٿا دونهيون دُکائين،
گُر ڪئائون ڪِينرو، ويٺا وڃائين،
گهل نه گهرين گهارين، جوڳي جيجڙين کي.

----

سندي تنين ڳالهڙي، هِتِ، هُت نه ڪاءِ.

لطف الله قادريءَ ذات ۽ صفت، وحدت ۽ ڪثرت کي ڏاڍي سَوَلي ۽ دلچسپ طريقي سان سمجهايو آهي:

روح، رڳون ۽ ساهه، سڀ ڳالهه هيڪڙي.
يا
حسن حبيبن جي آپر آهي جمال
اي پسي خوب خيال عاشق حيرت پيا.

۽

نڪو وِهڻ نه واٽ ڪا، نڪو انت نه ڇيهه.

هيٺيون بيت پڻ انهيءَ سلسلي ۾ چيل آهي، جنهن لاءِ صوفي شهيد عنايت جي فرزند صوفي سلام الله ٺَر ڏٺي بادشاهه درگاهه (تجل شريف) جي هڪ مريد مون کي ٻڌايو هو ته: ”صاحب ڪريم (صوفي سلام الله) اڪثر ڪري هيٺيون بيت چوندا هئا:

نـڪا ڏاڍائي ڏيهه ۾، نڪا ذات جڳائي،
الله سنـدي راڄ ۾، جـو ڪـٿـي سو ڪـائي،
ڪِيَ ڪَمائِي پانهجي، ٿِنڪو رَسي ماءِ،
واءُ تنين کي واءِ، هي جي پوڪ پرائي ڏِيِٺا.

لطف الله قادري نه رڳو فن، پر فڪر ۽ فلسفي جي لحاظ سان پڻ رهبر شاعر آهي. هيٺين بيتن تي ٿورو غور ڪبو ته اسان کي احساس ٿيندو ته پوءِ جا اساسي شاعر خاص ڪري ميون عنات ۽ شاهه لطيف ڪانئس ڇڱو متاثر نظر اچن ٿا:

سوئي ساقي، سو سَرو، سوئي جانشين، سو جام،
سوئـي پيـاري، سـو پئـي، سوئـي مست مـدام،
سوئـي وِهاري، سو وِهي، سوئـي ڪري سـلام،
سوئـي ڳائينـدڙ ڳاءِ سو، سوئـي ڪَهي ڪـلام،
سپـوئي سو تمـام، پـِريَ ري ڪـي نه پسجـي.

ءُ

سوئي مُحب، محبوب سو، سائي سا محبت،
پسـي ڪين پـِريَ ري، سپـوئـي وَحدت،

سـدا سـي ثـابـت، پيـهـي جـن پـروڙئـو.
يا
پـاڻ سـي پـاڻ سـو، وِئـا سـپ اقــسام.

سندس شاعريءَ ۾ پنهنجي پرينءَ جي سُونهن ۽ سِڪ کي بيان ڪرڻ جو انداز ئي نرالو آهي. پاڻ چوي ٿو:

سِــڪ تـنــهن جي سپـريـن، وڏي وڏا ويـــر،
اُوءِ منجهان گهٽي اکير، ڪنيو نهارين اکيون.
۽
سـڪ تنهـن جـي سپـريــن وڃـايا وريـام
اُوءِ ڪامڻ هوري ڪام، جا تو  پرين اکين ۾.
يا
سڪ تنهجـي سپرين عجب پر آهه،
عاشق ڏي ساهه پيا تيائين تو هٽي.

لطف الله قادري اهو اساسي شاعر آهي، جنهن وٽ تشبيهون ۽ استعارا نه رڳو گهڻا ۽ بنهه سهڻا آهن پر پنهنجي ڌرتي ۽ ٻوليءَ جا آهن:

سمنڊ ڪنيو پساھ، ڪوڙين موجَ اُڀريا
يا
سيئي وَهيا واهڙ، اُڌميو مهراڻ.

وٽس ڳوڙهيون ڳالهيون ۽ حقيقتون گهرين گهٽائن مان سڄ جيان لياڪا پائيندي، نظر اچن ٿيون ۽ سندس شاعراڻي اک محبوب جي ڏاڍي موهيندڙ انداز کي پَسي وٺي ٿي. ائين هن پنهنجي شاعريءَ جي آسمان تي هر شئي سهڻي نموني سجائي آهي:



.

حسن حبيب جو، پسين جي هيڪار،
ته توکي سَپ ڇمار، وڃي اُڃ ورهين.
يا
حسن حبيب جو، جنين ڏٺو ماءِ،
تني منجهان ڪاءِ، سک نه ستي ڪڏهن.

(لطف الله قادري)
لڳ ڀڳ ساڳي ڳالھ شاھ لطيف به پنهنجي ٿوري الڳ انداز سان هن طرح ڪئي آهي:

حسن حبيب جو، پسين جي پيهي،
ته توکي سپيئي، پيون وڃن وسري.
يا
حسن حبيبن جي، سئين ڪن سلام،
اوءِ ڪنا تنهن ڪلام، جنهن حرف نه صورٌ سا.
ءَ
حسن حبيبن جي ڪو جو آهي پُور،
عاشقن اِتي سُور، ماءِ مارينديِن ڪڏهن.

(شاھ لطيف)
لطف الله قاديءَ ويهارو کن بيت اهڙا به چيا آهن، جن ۾ "حسن حبيب جو" جوهڪ سهڻو ورجاءُ آهي، گڏوگڏ اُن ۾ هن پنهنجي ڳالھ کي چٽي ۽ ڏاڍي لطيف انداز سان بيان ڪيو آهي:

حسن حبيبن جي، پيئي جن تنوار،
تن وئا وسري پار، سي پسن ڪيا پرينءَ ري.

(لطف الله قادري)

پئي هنڌ چوي ٿو:

حسن حبيبن جي، پٽون پٽين روءِ،
عاشق ٿئا هوءِ، سي پَر پرينءَ جي.

لطف الله قادريءَ سامين، ڪاپڙين جو ذڪر نه فقط پنهنجي معنوي بيتن لاءِ ڪم آڻي، ڪين آمرتا بخشي پر ڪيترن ئي ماڳن، مڪانن ۽ ٻين شين جو ذڪر ڪري ڪين مثالي بنائي ڇڏيو. ڪجھ اهڙيون ڳالهيون به آهن، جيئن پورب جو پنڌ، نانگا ننڊ نه ڪن، جوڳيءَ جوڳ، تڪي پسڻ، محبت ۾ ڪاهي پوڻ، يا سچ ۽ حق جي سڌ تي هلڻ وغيره، جن جي باقائدي شروعات لطف الله قادريءَ وٽان ٿئي ٿي ۽ اُهي ڳالهيون شاعريءَ ۾ تڏهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين استعمال ٿينديون رهيون آهن، جن کي ڏسي اهو چئي سگهجي ٿو ته نه فقط انهن جي شروعات لطف الله قادري ڪئي، پر اڳين شاعرن کان واڌارو ڪري،شاعريءَجي دنيا ۾ پنهنجي ڇاپ ڇڏي.

سِڱين جو سڌ ٿيو، جي اچين ته آءُ .

(لطف

الله قادري)

لطف الله قادري لاءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکيو آهي ته: ”هو هڪ اهلِ دل عالم ۽ صوفي، پنهنجي وقت جو وڏو شاعر ۽ سنڌي زبان جو خادم هو. (بلوچ، 1968، 40) اهو ’سنڌي زبان جو خادم‘ لطف الله قادري سن 1090ھ موجب 1679ع ۾ وفات ڪري ويو ۽ اسان لاءِ عظيم ادبي سرمايو ڇڏي ويو.

**<u>حوالا</u>**

بلوچ، نبي بخش خان (1968).شاھ لطف الله قادريءَ جو ڪلام.ڄامشورو، سنڌ: سنڌ يونيورسٽي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

بلوچ، نبي بخش خان، (1993).سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽو منظوم ذخيرو.حيدر آباد، سنڌ: سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادار

لطف الله قادري(1667) منهاج المعرفت. ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ



.